# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريه 1974
# SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1974
# اولهه پاڪستان تفريحن تي ڊيوٽي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974
# THE WEST PAKISTAN ENTERTAINMENTS DUTY (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ X جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of West Pakistan Act X of 1958

3. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ X جي دفعه 6 جي ترميم
Amendment of Section 6 of West Pakistan Act X of 1958

4. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ X جي دفعه 6_A کي ختم ڪرڻ
Omission of Section 6_A of West Pakistan Act X of 1958

5. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ X جي دفعه 11 جي ترميم
Amendment of Section 11 of West Pakistan Act X of 1958

6. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ X جي شيڊول کي ختم ڪرڻ
Omission of Schedule to West Pakistan Act X of 1958

# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريہ 1974
# SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1974
# اولهہ پاڪستان تفريحن تي ڊيوٽي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974
# THE WEST PAKISTAN ENTERTAINMENTS DUTY (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[18 اپريل 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان تفريحن تي ڊيوٽي ايڪٽ، 1958 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان تفريحن تي ڊيوٽي ايڪٽ، 1958 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي اولهہ پاڪستان تفريحن تي ڊيوٽي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| (2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو. | Short title and commencement |
| 2.سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان تفريحن تي ڊيوٽي ايڪٽ، 1958 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڇاٽايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 ۾، شقن (aa)، (aaa)، (hh)، (ii) ۽ (k) کي ختم ڪيو ويندو. | 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ X جي دفعہ 2 جي ترميم Amendment of Section 2 of West Pakistan Act X of 1958 |
| 3.ڇاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 6 ۾ لفظن ۽ ڪامائن "يا ڪنهن سينيما جي صورت ۾، دفعہ 6_A جي گنجائشن موجب تفريحي ڊيوٽي ادا نہ ڪئي وئي آهي،" کي ختم ڪيو ويندو. | 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ X جي دفعہ 6 جي ترميم Amendment of Section 6 of West Pakistan Act X of 1958 |
| 4.ڇاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 6_A کي ختم ڪيو ويندو. | 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ X جي دفعہ 6_A کي ختم ڪرڻ Omission of Section 6_A of West Pakistan Act X of 1958 |
| | 1958 جي اولهہ |

پاڪستان ايڪٽ X جي دفعہ 11 جي ترميم

Amendment of Section 11 of West Pakistan Act X of 1958

5.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 11 جي ذيلي دفعہ (2) ۾:

(a) شق (i) جي آخر ۾ لفظ "۽" شامل ڪيو ويندو؛ ۽

(b) شقن (i_a)، (i_b) ۽ (i_c) کي ختم ڪيو ويندو.

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ X جي شيڊول کي ختم ڪرڻ

Omission of Schedule to West Pakistan Act X of 1958

6.ڄاڻايل ايڪٽ جي شيڊول کي ختم ڪيو ويندو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**